هفتيوار رسالو :361
WEEKLY BOOKLET:361

امير اهلِ سُنت جي بيانن جو تحريري گلدستو بنام

# پياري نبي جي پياري آل

Sindhi

- پياري نبي ء جون پياريون شهزاديون
- تصوير مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
- رسول الله جا سيني کان وڏا ڏوهٽا
- خاتون جنت جي سيني کان ننڍي شهزادي




شيخِ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي، حضرتِ علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ الله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **پياري نبي جي پياري آل**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1446هه، جون 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



**مدنی التجا: کنهن کی بہ هی کتاب چاپڻ جی اجازت ناهی**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بيانن جو تحريري گلدستو

# پياري نبي جي پياري آل

ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# پياري نبي جي پياري آل [1]

**دعاءِ عطار!** يا الله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”پياري نبي جي پياري آل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي قيامت جي ڏينهن ساداتِ ڪرام جي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب فرمائي ڪري جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللهُ علیهِ واٰلهٖ وسلّم

## نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مولٰي علي کي نصيحت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مولٰي علي شيرخدا رَضِیَ اللهُ عَنۡه کي ارشاد فرمايو: يَا عَلِيُّ! اِحۡفَظۡ عَنِّيۡ خَصۡلَتَيۡنِ أَتَانِيۡ بِهِمَا جِبۡرِيۡلُ عَلَيۡهِ السَّلَامُ أَكۡثِرِ الصَّلَاةَ عَلَيَّ بِالسَّحۡرِ، وَالۡاِسۡتِغۡفَارَ بِالۡمَغۡرِبِ- ترجمو: اي علي! مون کان بہ عادتون ياد ڪري وٺ جن کي جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام مون وٽ آندو (1) صبح ساجهر مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا ڪيو ۽ (2) مغرب جي وقت استغفار ڪندا ڪيو. (القربة الی رب العٰلمين، ص 90)

نام حضرت پہ لاکھ بار درود | بے عدد اور بے شمار درود
جو محبِّ نبی ہے اے کافی | چاہئے اُس کو بار بار درود

(دیوانِ کافی، ص 23)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] … اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه محرم شريف 1444 هجري تي ٽيڙ وارن مدني مذاڪرن کان پهريان روزانو بيان فرمائيندا هئا، انهن مان 3 بيانن کي جمع ڪري هي رسالو تيار ڪيو ويو آهي.

# پياري آقا جون پياريون شهزاديون

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! اسان وٽ عام طور پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هڪ شهزادي، حضرت سيده فاطمة الزهرا رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا جو ذڪرِ خير ٿيندو آهي، بلڪل ٺيڪ گهرجي ڇوتہ هوءَ اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري ۽ لاڏلي شهزادي آهي، پر ٻي ٽيون شهزاديون بہ آهن جيڪي اهلِ بيت مان آهن ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سڀئي ڌيئرون آهن، انهن جا مبارڪ نالا هي آهن: حضرت بي بي زينب، حضرت بي بي رقيہ ۽ حضرت بي بي اُمِّ ڪلثوم رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُنّ. اللّٰه ڪري! انهن سڀني شهزادين جا نالا اسان کي زباني ياد ٿي وڃن، اچو هاڻي انهن چئن شهزادين جو مختصر تعارف پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو.

## پهرين شهزادي

منهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڀ کان وڏي شهزادي حضرت بي بي زينب رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا آهي (جيڪا بي بي زينب، ڪربلا ۾ هئي اها امام حسين رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه جي ڀيڻ هئي ۽ هي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي آهي. حضرت بي بي زينب رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه کي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت دوران هڪ وڏي آزمائش پيش آئي، جنهن جي ڪري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي باري ۾ ارشاد فرمايو تہ: هِيَ اَفْضَلُ بَنَاتِيْ اُصِيْبَتْ فِيَّ يعني هي منهنجي ڌيئرن ۾ (هن لحاظ کان) وڏيڪ فضيلت واريون آهن جو منهنجي طرف هجرت ڪرڻ ۾ ايڏي وڏي مصيبت کنئي. (شرح الزرقاني على المواهب اللدنيہ، 318/4 ـ مستدرڪ، 565/2، حديث: 2866)

جڏهن حضرت بيبي زينب رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا جو انتقال ٿيو تہ اللّٰه جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي ڪفن لاءِ پنهنجي گوڏ عطا فرمائي ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ان کي قبر ۾ لاٿو. (شرح الزرقاني على

المواہب اللدنيہ، 318/4۔بخاری، 425/1 ، حديث: 1253) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بي بي شهزادي

حضرت بي بي رقيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا اعلان نبوت کان ست سال اڳ پيدا ٿي، جڏهن الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر مبارڪ 33 سال هئي. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه جي گهرواري آهي.

(مواہب اللدنيہ، 392/1 ، 393ملتقطاً)

غزوهٔ بدر جي موقعي تي بي بي رقيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا سخت بيمار ٿي پيون، جنهن سبب الله جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه کي انهن جو خيال رکڻ لاءِ ان وٽ رڪڻ جو فرمايو ته سندن اتي رکيا چوته اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مالڪُ الاحڪام به آهن تنهنڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه کي غزوهٔ بدر جي شريڪ ٿيندڙن جيتري ثواب جي خوشخبري ٻڌائي ۽ مالِ غنيمت به عطا فرمايو، جڏهن مسلمانن جي فتح جي خبر مديني ۾ پهتي ته انهيءَ ڏينهن حضرت بي بي رقيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا جي وفات ٿي.

جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري شهزادي حضرت رقيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا عنها جو انتقال ٿيو ته حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه تمام گهڻو رُنا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: عثمان ڇو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان جي نياٽي هجڻ کان محروم ٿي ويو آهيان، اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مون کي جبرائيلِ اَمين عرض ڪيو ته

الله تعاليٰ جو حڪم آهي ته مان پنهنجي ٻي ڌيءَ ”اُمّ ڪلثوم“ جو نڪاح توسان ڪريان، هن شرط تي ته اهو ئي مهر هجي جيڪو رقيہ جو هو ۽ تون هن سان اهڙو ئي سلوڪ ڪرين، جهڙو تو رقيہ سان ڪيو. سو حضرت اُمّ ڪلثوم رضی اللہ عنہا جو نڪاح حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ سان ٿي ويو. دنيا ۾ ڪو به اهڙو ناهي جنهن جي نڪاح ۾ نبيءَ جون ٻه ڌيئرون آيون هجن. اها حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جي خاصيت هئي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري ڪيس ذُوالنّورَين يعني ٻن نورن واري لقب سان نوازيو ويو.

(مرقاة ، 10 / 445 ، تحت الحديث : 6080 ، مرأة المناجيح، 405/8)

منهنجا آقا اعلٰي حضرت رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا:

نور کی سرکار سے پایا دو شالا نور کا　　　ہو مبارک تم کو ذُوالنُّورَین جوڑا نور کا

(حدائقِ بخشش، ص 246)

يعني اي ٻه نورن وارا پيارا عثمانِ غني! اوهان کي لک لک مبارڪون هجن جو اوهان نور واري آقا صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي بارگاه مان نور جون ٻه چادرون(يعني پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جون ٻه صاحبزاديون پنهنجي نڪاح ۾) آڻڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽئين شهزادي

حضرت بي بي ام ڪلثوم رضی اللہ عنہ مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي ٽئين شهزادي آهي. پاڻ رضی اللہ عنہا ڪنيت سان ئي مشهور آهي. حضرت بي بي ام ڪلثوم رضی اللہ عنہا جي وفات شعبان 9 هجري ۾ ٿي ۽ الله پاڪ جي پياري نبي صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم انهن جي نمازِجنازه پڙهائي. (شرح الزرقانی علی المواهب اللدنيه، 325/4، 327 ملتقطاً) ۽ سندن مزار شريف جنتُ البقيع ۾ آهي.

# چوٿين شهزادي

حضورپاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيني کان نندي پر سيني کان وڏيڪ پياري ۽ لاڏلي شهزادي حضرت بيبي فاطمة الزهرا رَضِىَ اللهُ عَنْهَا آهي. سندن نالو مبارڪ فاطمہ آهي، جڏهن تہ "زهرا" ۽ "بتول" سندن جا لقب آهن. حديث پاڪ ۾ آهي تہ: (منهنجي ڌيءَ) جو نالو فاطمہ ان ڪري رکيو ويو چوتہ اللّٰه پاڪ ان کي ۽ ان سان محبت ڪرڻ وارن کي جهنم جي باهہ کان آزاد ڪيو آهي.

(سيرت مصطفى، ص 697۔کنز العمال، جز: 12، 50/6، حديث:34222)

سيده خاتونِ جنت حضرت بي بي فاطمہ زهرا رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جي جسم مبارڪ مان جنت جي خوشبو ايندي هئي جنهن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سُونگهندا هئا. ان ڪري سندن لقب ”زهره“ پيو.

(مرأة المناجيح،453/8 ۔ المبسوط للسرخسی، 155/10)

بتُول و فاطمہ، زہرا لقب اِس واسطے پایا … کہ دُنیا میں رہیں اور دیں پتہ جنّت کی نکہت کا

(ديوانِ سالک، ص 90)

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”فَاطِمَةُ بِضْعَةٌ مِّنِّىْ فَمَنْ اَغْضَبَهَا اَغْضَبَنِىْ فاطمہ(رَضِىَ اللهُ عَنْهَا) منهنجو ٽڪڙو آهي، جنهن ان کي ناراض ڪيو ان مون کي ناراض ڪيو. هڪ بي روايت ۾ آهي تہ: يُرِيْبُنِىْ مَا اَرَابَهَا وَيُؤْذِيْنِىْ مَا اٰذَاهَا يعني جيڪا شيءِ ان کي پريشان ڪري اها مون کي پريشان ڪندي آهي ۽ جيڪو ان کي تڪليف ڏي اهو مون کي ستائيندو آهي. (مسلم، ص 1021، حديث: 6307)

سیِّدہ، زاہرہ، طیِّبہ، طاہرہ … جانِ احمد کی راحت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش،ص309)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! … صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تصوير

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت بي بي عائشہ صدّيقہ، طيّبہ، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون چال چلت، شڪل ۽ صورت ۽ گفتگو ۾ بيبي فاطمہ کان وڌيڪ ڪنهن کي حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مشابہ يعني ملندڙ جلندڙ ناهي ڏٺو ۽ جڏهن حضرت فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندي هئي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي استقبال لاءِ اٿي بيهندا هئا. انهن جو هٿ پڪڙي ان کي چمندا هئا ۽ انهن کي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا هئا ۽ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيبي فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي طرف تشريف کڻي ويندا هئا تہ اهي بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم جي لاءِ اٿي بيهنديون هيون ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ هٿ کي پڪڙي چمنديون ۽ پنهنجي جاءِ تي ويهاريندريون هيون. (ابو داوٗد،454/4،حديث: 5217) اللّٰه پاڪ انهن چئن ئي شهزادين جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي. اٰمين

رسولُ اللہ کی جیتی جاگتی تصویر کو دیکھا کیا نظارہ جن آنکھوں نے تفسیرِ نُبُوّت کا

(ديوانِ سالک،ص90)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جا پيارا ڏوهٽا ۽ ڏوهٽيون

اي عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت! اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪيئي ڏوهٽا ۽ ڏوهٽيون هيون پر سيني کان وڌيڪ مشهور حسنينِ ڪريمين (يعني امامِ حسن وحسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا) آهن. حضرت سفيان بن عيينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن ارشاد: ”عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ يعني نيڪن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي

آهي“ (حلية الاولياء، 335/7،رقم:10750) جي مطابق رب پاڪ جون رحمتون حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين جو ذڪر پڙهو.

## نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سڀ کان وڏو ڏوهٽو

اسان جي پياري پياري صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سڀ کان وڏي شهزادي حضرت بيبي زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن ڏوهٽي جو نالو ”علي“ هو. هڪ روايت ۾ آهي تہ هي پنهنجي امڙ سائڻ جي حيات(يعني مبارڪ زندگي) ئي ۾ بلوغ جي قريب(يعني بالغ ٿيڻ جي ويجهو) وفات ڪري ويو، پر ابن عساڪر جو چوڻ آهي تہ نسب بيان ڪرڻ وارن ڪجھ عالمن هي ذڪر ڪيو آهي تہ هي جنگ يرموڪ ۾ شهيد ٿيا. (طبقات الڪبرىٰ،25/8،شرح الزرقانى،321/4،سيرتِ مصطفىٰ، ص 693) الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي-

اٰمِين بِجَاهِ خاتمِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان وڏي ڏوهٽي

حضرت بيبي زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي ڌيءَ جو نالو ”اُمامہ“ هو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي سڀ کان وڏي ڏوهٽي حضرت بي بي امامہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان بيحد محبت هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي مبارڪ ڪلهن تي کڻي مسجدِ نبوي ۾ تشريف کڻي ويندا هئا. روايت ۾ آهي تہ: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ هڪ ڀيري حبشہ جي بادشاهہ نجاشي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هديي طور هڪ جبو موڪليو جنهن سان گڏ سون جي هڪ منڊي بہ هئي، جنهن جو نگينو حبشي

هو. الله جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اها منديي حضرت بي بي اُمامہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا کي ڏني. ( سيرت مصطفیٰ، ص 693۔ابن ماجہ، 177، حديث: 3644)

## سون جو خوبصورت هار

اهڙيءَ طرح هڪ دفعي ڪنهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هڪ تمام خوبصورت سون جو هار تحفي ۾ پيش ڪيو، جنهن جي خوبصورتيءَ ڏسي تمام ازواج مطهرات[2] رَضِیَ اللہُ عَنْہُنَّ حيران ٿي ويون. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پاڪدامن گهروارين کي فرمايو تہ مان هيءُ هار ان کي ڏيندس جيڪا منهنجي گهروارن مان مون کي سڀني کان وڌيڪ پياري آهي، سڀني گهروارين هي خيال ڪري ورتو تہ يقينًا هي هار هاڻي حضرت بي بي عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا کي عطا فرمائيندا پر حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت بيبي اُمامہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا کي قريب ڪيو ۽ پنهنجي پياري ڏوهٽيءَ جي ڳچيءَ ۾ پنهنجي مبارڪ هٿ سان هي هار وڌو. (شرح الزرقانی علی المواہب اللدنیہ، 321/4۔مسند امام احمد، 399/9، حديث: 24758)
الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي- اٰمِین بِجَاہِ خاتم النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيب!　　صَلَّي اللهُ عَلٰي مُحَمَّد

## خاتونِ جنّت جون وصيتون

حضرت بي بي فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ عَنْہا، پنهنجي وفات کان پهريان مولا علي شيرِخدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي 2 وصيتون ڪيون:

---

[2] . ”اَزواج“ لفظِ زوجہ جي جمع آهي يعني زال. ”مطهرات“لفظِ مطهره جي جمع يعني پاڪيزه، معنيٰ هي ٿي تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون پاڪيزه زالون، پاڪ گهرواريون. پڻ ازواجِ مطهرات کي”امّهات المؤمنين“ بہ چيو ويندو آهي“ ”امهات“ لفظِ ام جي جمع آهي جنهن جي معنٰي آهي، ”ماءُ“ تنهنڪري امهات المؤمنين جي معنٰي ٿي”مومنن جون مائرون“.

(1) منهنجي وفات کان پوءِ منهنجي پاڙيچي امامه سان نڪاح ڪجو (معرفة الصحابة الابی نعیم، 192/5) (2) جڏهن مان دنيا مان وڃان، ته مون کي رات ۾ دفن ڪيو وڃي ته جيئن منهنجي جنازي تي نامحرَم جي نظر نه پوي. (فتاویٰ رضویہ، 307/9۔ تحفہ اثنا عشریہ، ص 281)

الله ربُّ العزّت جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُبۡحٰنَ الله! سيّده خاتونِ جنّت، شَهزاديِ ڪونين بي بي فاطمه زهرا رضی الله عنها جي پردي جي به ڪهڙي ڳالهه ڪجي! سندن ڪيترو پردو ڪرڻ واريون هيون، ڪنهن چا ته خوب چيو آهي:

چُو زَہرا باش اَز مخلوق رُوپوش | کہ دَر آغوش شبّیرے بہ بِیني

(يعني حضرت بي بي فاطمه زهرا رضی الله عنها جيان پرهيزگار ۽ پرديدار بڻجو ته جيئن پنهنجي هنج ۾ حضرتِ سيدُنا شبّيرِ نامدار امامِ حسين، شهيدِ ڪربلا رضی الله عنه جهڙي اولاد ڏسو.)

يعني عورتن کي صلاح ڏني وئي آهي ته پردو ڪريو ۽ پرهيزگار بڻجو. آواره گهٽين ۾ نه گهمو، شاپنگ سينٽرن جي زينت نه بڻجو، شادين ۾ بڻجي سنورجي نمائش لاءِ نه وڃو، بلڪ تقويٰ اختيار ڪريو، پرده نشين بڻجو ته جيئن توهان پنهنجي هنج ۾ امام حسين جو فيض ڏسو ۽ نيڪ اولاد حاصل ڪريو. هاڻي جيئن عورتن جو حال آهي، اَستَغۡفِرُالله. تمام خراب حالت آهي. پوءِ اولاد به جيڪو ڳالهائي ٿو، اها به دنيا ڏسي رهي آهي، الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. الله ڪري ته اسان جو معاشرو صحيح ٿي وڃي. آمين

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رسول جا ڏوهٽا حضرت عبدالله رضی اللہ عنہ

ناناءِ حسنين صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي ڌي شهزادي حضرتِ بي بي رقيہ رضی اللہ عنہا مان مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني، ذو النورين، جامعُ القرآن رضی اللہ عنہ جو هڪ شهزادو بہ ڄائو هو جنهن جو نالو "عبدالله" هو. اهو پنهنجي ماءُ کان پوءِ 4 هجري ۾ ڇهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.
الله ربُّ العزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي ٽئين شهزادي حضرت بيبي اُمِّ ڪلثوم رضی اللہ عنہا جو حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ سان نڪاح ٿيو، پر انهن مان ڪو بہ اولاد نہ ٿيو.

(شرح الزرقانی علی المواہب اللدنیہ، 327/4)

جن اسلامي ڀينرن کي اولاد نہ ٿو ٿئي، انهن لاءِ سبق آهي تہ جيڪڏهن اولاد نہ ٿئي تہ بيبي اُمِّ ڪلثوم رضی اللہ عنہا کي ياد ڪريو جو اولاد تہ انهن کي بہ نہ ٿيو، پر انهن يقيناً صبر ڪيو هو، انهن جو گهراڻو تہ صابرن جو گهراڻو آهي، انهن جو صبر اهڙو هو جو سڄي ڪائنات ۾ هن گهراڻي مان صبر تقسيم ٿيو آهي، الله پاڪ اسان کي بہ انهن جي صبر جي صدقي ۾ صبر جي دولت عطا فرمائي تہ جيئن اسان جون شِڪوا شڪايتون سيئي ختم ٿي وڃن.

## حضرتِ بي بي فاطمہ رضی اللہ عنہا جي پاڪ اولاد

پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ، خاتمُ الانبياء صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي سيني کان ننڍي ۽ لاڏلي شهزادي حضرتِ بي بي فاطمة الزهرا رضی اللہ عنہا جا ٽي شهزادا (1) حضرت سيدُنا امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ (2)

حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ (3) حضرت محسن رضی اللہ عنہ ۽ ٽي شهزاديون (1) حضرت سيده بي بي زينب رضی اللہ عنہا (2) حضرت بي بي رقيه رضی اللہ عنہا (3) حضرت بي بي اُمِّ ڪلثوم رضی اللہ عنہا هيون. (شانِ خاتونِ جنت، ص 256تا263 ملخصاً،اجمال ترجمه اکمال،ص72)

حضرتِ سيدُنا محسن رضی اللہ عنہ ۽ شهزادي حضرت بي بي رقيه رضی اللہ عنہا جو انتقال شريف ته ننڍپڻ ۾ ئي ٿي ويو هو، تنهنڪري تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ انهن جو تذڪرو شريف گهٽ ملي ٿو.

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي نسلِ مبارڪ جن مبارڪ صاحبن کان هلي، انهن حضراتِ حسنين ڪريمين جا ڪجهه فضائل پڙهو:

## ٻه جنتي گل

(1) الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: حسن ۽ حسين (رضی اللہ عنہما) دنيا ۾ منهنجا ٻه گل آهن. (بخاری، 547/2، حديث: 3753)

حضرتِ مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: فرمانِ نبوي جو مطلب هي آهي ته حضرتِ حسن ۽ حسين (رضی اللہ عنہما) دنيا ۾ جنت جا گل آهن جيڪي مون کي عطا ڪيا ويا، انهن جي جسم مان جنت جي خوشبو ايندي آهي ان ڪري حضور (صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم) انهن کي سُونگهندا هئا ۽ حضرتِ علي (رضی اللہ عنہ) کي فرمائيندا هئا: ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا اَبَا رَيْحَانَيْنِ“ يعني اي ٻن گلن جا والد! توهان تي سلام هجي. (مرأة المناجيح، 462/8) هڪ ٻي حديث پاڪ جي حوالي سان مفتي صاحب لکن ٿا: جيئن باغ واري کي سڄي باغ ۾ گُل پيارو لڳندو آهي، ايئن ئي دنيا ۽ دنيا جي سڀني شين ۾ مون کي حضراتِ حسنين ڪريمين (رضی اللہ عنہما) پيارا آهن. اولاد گل ئي سڏبي آهي، تمام ڏوهٽين ڏوهٽن ۾ حضور صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي

هي بہ فرزند (يعني ڏوھٽا) تمام پيارا هئا. (مرأة المناجيح، 475/8) منهنجا آقا اعليٰ حضرت بارگاھِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا.

اُن دو کا صَدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں　　کیجے رَضا کو حشر میں خَنْداں مثالِ گُل

(حدائقِ بخشش، ص 77)

شرح ڪلامِ رضا: اي منهنجا آقا! پنهنجي جن ٻن شهزادن (حسن ۽ حسين) کي توهان پنهنجو گل سڏيو آهي، انهن جي صدقي قيامت جي ڏينهن احمد رضا کي سيني غمن کان نجات ڏياري، گل جهڙي مُرڪ عطا فرمايو. ڪاش! هي عرض اسان جي حق ۾ بہ قبول ٿئي.

(2) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي ٻئي منهنجا پٽ منهنجي ڌيءَ جا پٽ آهن، الٰهي مان انهن ٻنهي سان محبت ڪريان ٿو، تون بہ انهن سان محبت فرماءِ ۽ جيڪو انهن سان محبت ڪري ان سان بہ محبت فرماءِ. (ترمذي، 427/5، حديث: 3794)

ياالله پاڪ! اسان تنهنجي محبوب جي انهن ٻنهي ڏوھٽن ”حسن ۽ حسين“ سان محبت ڪريون ٿا تون بہ اسان سان محبت فرماءِ. ۽ اسان کي انهن جي محبت ۾ سچو ڪري ڇڏ.

هن حديث پاڪ جي حوالي سان "مرأة المناجيح" ۾ لکيل آهي: يعني هي حڪماً منهنجا پٽ آهن ۽ حقيقت ۾ منهنجي ڌيءَ جا پٽ آهن، مون کي هنن سان پٽن جهڙي محبت آهي. خيال رهي تہ حضرت (بي بي) فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اها خصوصيت آهي تہ سندن اولاد حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نسل آهي، ان مان حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نسل هلي، جڏهن حسن ۽ حسين (رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا) حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نسل بہ آهن ۽ نسل جي اصل بہ، نہ تہ نسب پيءُ کان هلندو آهي نہ وري ماءُ کان، ها شرف (يعني فضيلت ۽ فخر) ماءُ کان بہ تي سگهي ٿو. لفظِ "آل" ٻنهي جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، پٽ جي اولاد تي بہ ۽ ڌيءَ جي اولاد تي بہ. (مرأة المناجيح، 476/8)

ہے رُتبہ اِس لئے کونین میں عصمت کا عفت کا شَرَف حاصِل ہے اِن کو دامنِ زَہرہ سے نسبت کا
اِنہی کے ماہ پارے دوجہاں کے لاج والے ہیں یہ ہی ہیں مجمعِ بحرین سرچشمہ ہدایت کا

(ديوانِ سالک، ص 89)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ حديث پاڪ جي هن حصي ”الٰهي مان انهن ٻنهي سان محبت ڪريان ٿو، تون بہ انهن سان محبت فرماءِ ۽ جيڪو انهن سان محبت ڪري ان سان بہ محبت فرماءِ“جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: هن دعا جو مقصد (اُتي موجود) حضرت سيدنا اُسامہ (رضی اللہ عنہ) کي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ آهي تہ اُسامہ! منهنجي حسن ۽ حسين سان محبت ڪريو، ڇوتہ انهن جي محبت اللّٰہ پاڪ جي محبوبيت (يعني پيارو ٿيڻ) جو ذريعو آهي. خيال رهي تہ دلي محبت بجلي جي ڪرنٽ جيان هڪ متعدي (يعني ڦهلجندڙ) شيءِ آهي، جنهن سان محبت هوندي آهي، ان جي اولاد، گهر وارن، نوڪرن چاڪرن ايستائين جو ان جي شهر سان بہ محبت ٿي ويندي آهي.

(مرأة المناجيح، 476/8)

سیِّدہ زاہرہ طیِّبہ طاہرہ جانِ احمد کی راحت پہ لاکھوں سلام
حَسن مجتبیٰ سَیِّدُ الْاَسخیا راکبِ دُوشِ عزت پہ لاکھوں سلام
اُس شہیدِ بلا شاہِ گلگوں قبا بیکسِ دَشتِ غُربت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش،ص309،310)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(1) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو : اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ يعني حَسن و حُسين (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھما) جنتي جوانن جا سردار آهن.

(ترمذی، 426/5، حديث: 3793)

## حسنين ڪريمين جون نازبرداريون:

صحابي رسول، حضرت سيدنا ابو هريره رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن اسان پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي پويان نمازِ عشاء ادا ڪري رهيا هئاسين، پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن سجدي ۾ ويا تہ امام حسن ۽ امام حسين رضی اللہ عنہما سندن پٺ مبارڪ تي سوار ٿي ويا. حضور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سجدي مان سر(مٿو) ڪنيو تہ انهن کي نرمي سان پڪڙي زمين تي وهاري ڇڏيو. پيهر سجدو ڪيو تہ انهن شهزادن وري ائين ئي ڪيو ايستائين جو حضور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم نماز پوري ڪئي. پوءِ انهن ٻنهي کي پنهنجي مقدس رانن تي ويهاري ڇڏيو-
(مسند امام احمد ، 592/3، حديث: 10664)

عطّارؔ کو بُلا کے مدینے میں دو بقِیع
”دو پھولوں“ کے طفیل ہوں پُورے سُوال دو

شرح ڪلامِ رضا: هتي ٻن سوالن جو ذڪر آهي تہ يا رسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم عطار کي مديني ۾ گهرايو ۽ گهرائي پوءِ جنتُ البقيع ۾ مدفن عطا فرمايو، تہ ائين "ٻن گلن" گلن جي صدقي ۾ منهنجا ٻہ سوال پورا ڪري ڇڏيو، مديني ۾ بہ گهرايو ۽ گهرائي پوءِ پاڻ وٽ بقيع ۾ رکي ڇڏيو-

(4) بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو ويو تہ اهلِ بيت مان اوهان کي گهڻو پيارو ڪير آهي؟ فرمايائون: حسن ۽ حسين، ۽ حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم (حضرت بي بي) فاطمہ (رضی اللہ عنہا)کي فرمائيندا هئا تہ مون وٽ منهنجن ٻچن کي گهرايو. پوءِ انهن کي سونگهندا هئا ۽ پنهنجي جسم مبارڪ سان لڳائيندا هئا. (ترمذی، 428/5، حديث: 3793)

اي عاشقانِ صحابہ و اَهلِ بيت! الله جا پيارا پيارا آخري نبي (صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم) انهن کي ڇو نہ سونگهندا؟ اهي ٻئي تہ حضور (صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم) جا گل هئا، گل سونگهيا ئي ويندا آهن، انهن کي پنهنجي جسم

مبارڪ سان لڳائڻ انتهائي محبت ۽ پيار لاءِ هو. ان مان معلوم ٿيو ته ننڍن ٻارن کي سونگھڻ، انهن سان پيار ڪرڻ، انهن کي سيني سان لڳائڻ سنتِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي. (مراة المناجيح، 478/8)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم کان پوءِ سڀني کان وڌيڪ قابلِ اعتماد حديثن جا ڪتاب "صحاح سته" يعني ڇهه صحيح ڪتاب سڏجن ٿا، جن مان هڪ ڪتاب "ترمذي شريف" به آهي. ان ۾ آهي ته وَلين جا شهنشاه حضرت مولٰي علي مشڪل ڪشاء (رضی اللہ عنہ) فرمائن ٿا: حسن (رضی اللہ عنہ) جي صورت مبارڪ متي کان سيني تائين حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان مشابه (يعني ملندڙ جلندڙ) هئي ۽ حسين (رضی اللہ عنہ) جي سيني کان پيرن مبارڪ جي ننهن تائين- (ترمذي، 430/5، حديث: 3804)

امامِ عشقِ و محبت، عظيم عاشقِ صحابه و اهلِ بيت مولانا شاه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ هن حوالي سان نهايت ئي پياري رباعي لکي آهي، جيئن ته پاڻ فرمائن ٿا:

مَعدوم نہ تھا سایۂ شاہِ ثقلین — اس نور کی جلوہ گہ تھی ذاتِ حسنین
تمثیل نے اس سایہ کے دو حصّے کیے — آدھے سے حَسَن بنے ہیں آدھے سے حُسَین

(حدائقِ بخشش، ص 444)

شعر جي وضاحت: هونئن ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ سايو سج جي اُس ۽ چنڊ جي روشني ۾ زمين تي نه پوندو هو، پر جڏهن سندن فيضان جو سايو حسنين ڪريمين رضی اللہ عنہما تي پيو، ته متي مبارڪ کان سيني مبارڪ تائين امام حسن ۽ اتان کان قدمن شريفين تائين امام حسين مشابه ٿي ويا.

قصيده نور ۾ امامِ اهل سنت لکن ٿا:

ایک سینہ تک مُشابہ اک وہاں سے پاؤں تک
حُسنِ سبطین ان کے جاموں میں ہے نِیَا نور کا

صاف شکلِ پاک ہے دونوں کے ملنے سے عِیاں
خطِ تَوَاَم میں لکھا ہے یہ دو وَرقہ نور کا

(حدائق بخشش،ص249)

**شرح كلامِ رضا:**

حضرتِ سيدنا امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ متي کان سيني تائين، جڏهن ته شهيدِ ڪربلا حضرتِ سيدنا امام حسين رضی اللہ عنہ سيني کان پيرن تائين پنهنجي نانا جان رحمتِ عالميان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سان مشابہ هئا. جيئن خَطِ تَوَاَم[3] جي ٻن ٽڪرن کي ملائڻ سان خط جو مضمون سامهون اچي ويندو آهي، ائين ئي حسنين ڪريمين رضی اللہ عنہما جي گڏجي زيارت ڪرڻ سان جڻ سرڪارِ مدينہ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي نوراني صورت نظر ايندي هئي-

اعليٰ حضرت، واقعي اعليٰ حضرت هئا. جڏهن قلم کڻندا هئا ته درياء وهائي ڇڏيندا هئا. ائين الفاظ آڻيندا هئا جو شايد لغت جا هي لفظ اعليٰ حضرت سان منٿون ڪندا هوندا، هٿ ٻڌندا هوندا ته مهرباني ڪري اسان کي بہ پنهنجن شعرن ۾ جڳهہ ڏيو، اوهان جو ڇا ويندو،

3 **خطِ تَوَ اَم:** ان خط کي چوندا آهن جنهن ۾ هڪ ڪاغذ جا بہ ٽڪرا ڪري خط جي مضمون کي انهن ٻنهي ٽڪرن ۾ اهڙيءَ طرح ورهايو ويندو آهي جو ٻنهي کي ملائڻ کان سواءِ مضمون جي سمجهہ ۾ نہ اچي. (فنِ شاعری اور حسان الہند، ص178 مفہوماً)

اسان جي عيد تي ويندي ۽ آقا جا ثناء خوان اسان کي پنهنجي زبان سان ادا ڪندا رهندا-

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ حضرت بيبي فاطمہ زهره رَضِيَ اللهُ عَنْها از سَر تا قدم يعني مٿي مبارڪ کان پير مبارڪ تائين بلڪل هم شڪلِ مصطفٰي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هيون ۽ سندن پٽن ۾ هي مشابهت تقسيم ڪئي وئي هئي-(مرأة المناجيح، 480/8)

رسولُ اللہ کی جیتی جاگتی تصویر کو دیکھا    کِیا نظارہ جن آنکھوں نے تفسیرِ نُبوّت کا

(ديوانِ سالک، ص 90)

## چڱن جي مشابهت

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت: حضور سان قُدرتي مُشابهت تہ بيشڪ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، جيڪو پنهنجي ڪنهن عمل کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مشابہ ڪري تہ اُن جي بخشش ٿي ويندي آهي تہ جنهن کي الله پاڪ پنهنجي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مشابہ ڪري يعني ملندڙ جلندڙ ڪري ڇڏي اُن جي محبوبيت جو ڇا عالم هوندو. (مرأة المناجيح، 480/8)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(6) پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: حَسن ۽ حُسين (رَضِيَ اللهُ عَنْهُما) سان جنهن مَحبت ڪئي اُن مون سان مَحبَّت ڪئي ۽ جنهن اُنهن سان دشمني ڪئي اُن مون سان دشمني ڪئي. (مستدرک، 156/4، حديث: 4830)

ياالله پاڪ اسان حسنين ڪريمين سان، انهن جي امڙ سائڻ بي بي فاطمہ ۽ سندن والدِ گرامي حضرت علي سان، تمام صحابہ ۽ اهل بيت سان محبت ڪيون ٿا، ياالله پاڪ! اسان انهن جي آقا محمد مصطفٰي

صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سان ۽ انهن سيني کي پيدا ڪرڻ واري ربّ ڪريم توڪان بہ محبت ڪيون ٿا.

## خاتونِ جنت جي سيني کان وڏي شهزادي

حضرت بيبي فاطمة الزهرا رضی اللہ عنہ جي وڏي شهزادي حضرت سيّده بيبي زينب رضی اللہ عنہا جي ڪنيت ”اُمُّ الحسن“ هئي ۽ ڪربلا جي واقعي کان پوءِ انهن جي ڪنيت”اُمُّ الصائب“ مشهور ٿي وئي هئي. (شانِ خاتونِ جنّت، ص 261) انهن ڪوڙ مصيبتون برداشت ڪيون، گهڻو صبر ڪيو ۽ مشڪلات جو جمي ڪري مقابلو ڪيو، هي اهڙيون صابره هيون جو ان جا پنهنجا ننڍا شهزادا محمد ۽ عَون رحمۃ اللہ علیهما بہ ڪربلا جي ميدان ۾ تلوار پڪڙي ۽ يزيدين جي مقابلي ۾ نڪري ويا، آخرڪار شهادت جو جام پيتو، ڪربلا ۾ امام حسين جا ياء، يائٽيا، پاٽيجا ۽ پٽ بہ خدا جي راهہ ۾ قربان ٿيا.حضرت سيّدُنا عليُّ المرتضيٰ، شيرخُدا رضی اللہ عنہ پنهنجي نياٽي حضرت بيبي زينب رضی اللہ عنہ جو نڪاح حضرت سيّدُنا جعفر رضی اللہ عنہ جي صاحبزادي حضرت سيّدُنا عبداللّٰه رضی اللہ عنہ سان ڪيو. (اسد الغابہ، 146/7) حضرت بيبي زينب جي مبارڪ وسيلي سان ”وسائل بخشش“ ۾ هيئن عرض ڪيو ويو آهي:

بہرِ زینب بے حیائی کا حضور خاتمہ ہو خاتِمہ فریاد ہے

(وسائلِ بخشش، ص 587)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خاتونِ جنت جي سيني کان ننڍي شهزادي

حضرتِ خاتونِ جنّت شهزاديِ ڪونين بيبي فاطمة رضی اللہ عنہا جي سيني کان ننڍي شهزادي حضرت بيبي اُمّ ڪلثوم رضی اللہ عنہا پنهنجي وڏي ڀيڻ حضرت بيبي زينب رضی اللہ عنہا جي مشابہ (يعني شڪل و صورت ۾

ملنڌڙ جلنڌڙ) هيون. مسلمانن جي ٻئي خليفي، حضرت سيّدُنا عمر فاروق اعظم حضرت بيبي اُمِّ ڪلثوم رضی اللہ عنھا سان نڪاح فرمايو. پاڻ موليٰ علي شير خدا رضی اللہ عنہ کي نڪاح جو پيغام موڪليو ۽ چيو: اي علي! اوهان پنهنجي نياڻي جو نڪاح مون سان ڪيو ڇوته مون رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي ته ڪالهه قيامت جي ڏينهن هر نسب ۽ رشتو ختم ٿي ويندو سواءِ منهنجي نسب ۽ منهنجي رشتي جي. ته هي فضيلت ماڻڻ جي لاءِ سيّدنا فاروق اعظم رضی اللہ عنہ موليٰ علي جي شهزادي بيبي اُمِّ ڪلثوم سان نڪاح ڪيو ۽ حق مهر ۾ 40،000 درهم ڏنا. (مجمع الزوائد،398/8،حديث:13827۔الحديث المختاره، 198/1، حديث: 102۔ الاستيعاب،509/4،الاصابة فی تمييز الصحابة،465/8،فيضانِ فارقِ اعظم، 79/1)

اي عاشقانِ صحابه و اهل بيت! صحابه ڪرام علیھم الرِّضوان ۽ اهل بيت اطهار جون پاڻ ۾ گهڻيون محبتون ۽ خانداني مٽيون مائٽيون هيون الله پاڪ اسان کي انهن جون برڪتون نصيب فرمائي.


اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

الله ربُّ العزت جي انهن سڀني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

صحابہ اور اہلِ بیت کی دل میں محبّت ہے
بفیضانِ رضا میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا
(وسائل بخشش،ص526)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




978-969-722-689-4
01082508

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net